This Article is written by
Halaram Hans
from book "Sindhyat Jo Upasak"
compiled by Rukmani Chainani
published in 2002

# اُتم ۽ انسانيت

- هولارام هنس

اڄ آءٌ اُن اديب جي تصوير اُجاگر ڪندس جنهن پنهنجي دؤر جي هر قدر سان بغاوت ڪئي؛ اهو سياسي هجي چاهي سماجي، مذهبي هجي چاهي ادبي. هو پنهنجي ماحول ۾ روح ۾ جيڪي ڳالهيون محسوس ڪري ٿو، اُهي ۽ اُنهن کي جيڪو لفظن جو جامو پهرائي ٿو، اُهي عام انسان جي احساس کان مٿيريون آهن. هن ساري عمر اِنسانيت ۽ سنڌيت جي سفر ۾ طئه ڪري ڇڏي آهي. اڄ سندس زندگيءَ جي شام ۾ به ساهت، سنڌيت، اِنسانيت، هن جي چپرن جي چانوَ ۾ ڪرَ موڙيندا نظر ايندا.

هن جي انسانيت جو هڪڙو پهلو اِهو آهي ته جيتوڻيڪ قلم، انسان جي ٻُڪر نٿو مٽائي سگهي پر جيڪڏهن قلمڪار، اُنهيءَ کي بک مٽائڻ لاءِ، حالات سان ٽڪر نٿو کائي ته هو عظيم گنهگار آهي.

آتما پلي امر هجي پر هيءُ سنسار کي سپنو ڪونه ٿو سمجهي ۽ هڪ انسان ۽ ٻئي انسان جي وچ ۾ ڀيد ڪونه ٿو سمجهي.

هن جي انسانيت جو هڪ نئون پهلوُ اِهو آهي ته :

..... اهڙو ڪوبه قانون نه ٿاهيو وڃي جو انسان جي عزت کي ضرب رسائي. ٻي مکيه ڳالهه ته انسان ضمير جي آواز کي نه لنوائي. هروقت، هر فرد کي حق ۽ انصاف جي ڳالهه چوڻ کپي، ڇاڪاڻ جو انسان جو ضمير ئي وڏي وٿ آهي. (وڌيڪ ڄاڻ لاءِ سندس رچنائون پڙهو)

پريو آهي، اُتم وانگر بيڊروم تي اچا اُنهن حق نہ ڇڏيو آهي. هاڻي توسان ڪٿ پٽ نہ ڪبي. ويني ڪتابن سان لائون لڳ.

هڪ ليکڪ هئڻ جي ناتي، هن سندريءَ ۾ لکل ٻين ڪلائن نرتيہ، گيت، سنگيت وغيره کان وڌيڪ رچناڪار روپ کي همٿائي سنڌيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪا ٻڌڻ جو شرف ڏنو.

گذريل سال سيا پاران (اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا) سنڌيت جي شيدائي ۽ سمرپت شخصيت جو -/25,000 انعام ڏيڻ وقت اُتم جو نالو آيو تہ يڪراءِ تاڙين جي ٺهڪي سان قبول ڪيو ويو جو ٻلي کو ويچارڪ سطح تي اُتم جو وروڌي هجي، متڀيد رکندو هجي، پر اهو هرڪو ٻنا سوچ ويچار ۽ مخالفت جي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيندو تہ اُتم سچ پچ سنڌيت لاءِ سمرپت شخص آهي.

سچو سنڌي آهي.

سنڌيت سندس ساه آهي.

منجهس سنڌيت جو هڳاءُ آهي.

سندس هر ٻول سنڌيت جو پرلاءُ آهي.

سنڌي لپيءَ جو ماهر محافظ ۽ داناءُ آهي.

اسان سڀني جو فرض آهي تہ اهڙن پيڙه جي پٿرن (نينوَ کي اينٽ) کي جوڳو سنمان ڏيئي پريرڻا حاصل ڪري پاڻ کي سچو سنڌي چوارائڻ جي لائق بڻايون!

جيئي سنڌي، جئہ سنڌي!

# سنڌيت جنهنجو ساه - دادا اُتم

- ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي

سنڌيءَ جو محافظ مجاهده (تپسوي) ۽ مفتش (ڪوجنيڪ) تازو انڊور ۾ 2001-12-28 کان 2001-12-30 تائين انتر راشٽريه سنڌي سميلن ۾ شرڪت ڪئي. جدا جدا ڪيترن جي شاهاڻن سنڌي سڄڻن، ساڻين سان ملڻ جو مفاد حاصل ٿيو. 'نمستي' 'هري اوم' 'هيلو' چئي ڪلي ڪيڪار ڪري رهيا هئاسين. سامهون دادا اُتم نظر آيا. چيم 'هري اوم'، دادا ڏمرجي چيو، 'اڙي، هري اوم وري ڪڏهن کان سکي آهين؟ چئه 'جيئي سنڌي' بروقت پنهنجي ڀل قبولي چيم 'جيئي سنڌي'. اهو لهجو ممبئيءَ ۾ روبرو ملڻ يا فون تي ڳالهائڻ وقت به هوندو آهي. دادا اُتم جو هيلو عيوض جئه سنڌي چوڻ سيکاريندڙ دادا اُتم جي رڳه رڳه ۾ سنڌيت سمايل آهي. دادا جو خيال ايندي، ساڻن ملندي ئي شاعر لکميچند پريم جو بيت ذهن تي تري بيهندو آهي.

"سنڌي سنڌي مان ڪريان جو سنڌي منهنجو خون
ساعت ساعت ٿو رهي سنڌيءَ جو ئي جنون
ڪوئي ٻيو قانون پورن ڪان نه پري ڪري."

اُتم کي به ڪو قانون پورن کان پري ڪري نه سگهندو.

دادا لاءِ ڪتاب پڙهڻ، ايياس ڪرڻ ئي حياتيءَ جو مقصد آهي، وندر آهي، آنند آهي ۽ ڪنهن حد تائين عياشي پڻ. رشين منين کي پريو ڀڳتيءَ مان جيڪو آنند ملندو آهي ان کان گهڻو وڌيڪ آنند هيءُ رشي نما شخص پنهنجي مهيم واري گهر جي ڪمري ۾ ماڻيندو رهي

ٿو.

ڪمري جا ڪٻٽ، جارا، ٽيبل، ڪرسيون ئِي نہ ڊبل بيڊ جو ڏيڍ پلنگ بہ ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن سان ڀريو پيو آهي. وگيانڪ جنهن ايڪاگرتا سان ڪوجنا جو ڪم ڪندا آهن، دادا اُتم سنڌي ساهت ۽ سنڌيت لاءِ ساڳئي نموني، حياتيءَ جي هر پل ڪي هن سنڌيت جي يگيہ ۾ هوم ڪيو آهي. سنڌي لپيءَ بابت ليک هجن يا تعليم جِي هيٺِي حالت تي سوچ هجي، ڪهاڻيون هجن يا تنقيد، اُتم موجود هوندو آهي. هوُ سنڌي ادب ۽ هلچل جِي جيئري جاڳندي ڊڪشنري يا ڪمپيوٽر آهن. شل نہ ڪنهن ڪان سال يا تاريخ جِي غلطِي ٿئي بروقت پنهنجن ليکن ذريعي ڏيان چڪائيندا. ڪنهنجو ڪهڙو ڪڏهن جو ليک، رچنا، ڪٿي رکيل آهي بنا دير ڪڍي ڏيکاريندا. خاص ٽڪرا انڊرلائين ڪيل بہ هوندا. هن عمر ۾ باوجود ناساز صحت جي، ايترو ذهني پورهيو ڪرڻ ۽ ڪنهن رواجِي شخص جو ڪم آهي؟ نہ، نہ، اُن لاءِ اٿاہ منوبل ۽ ساہ ۾ سنڌيت جو جذبو هجڻ ضروري آهي، جو بيشڪ دادا اُتم ۾ آهي.

ادب جي راهہ ۾ مان اڃا ٻار آهيان. پڙهڻ جو شوق ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ ڪليش جو ڪارڻ بہ بڻبو هو. ٻار ۽ گوڪلاڻِي ڪاوڙجِي چوندا، ’گهر جِي ڪا ڪنڊ ڪتابن ۽ پنن کان خالِي آهي؟‘ پر جڏهن مسٽر گوڪلاڻِي دادا اُتم جي گهر، ممبئيءَ ۾ هليا ۽ اُتي دادا جو سرسوتِي مندر ڏٺائون تہ وڏي پريرڻا ملين. چيائون، ’شڪر آهي تو لِونگہ روم، ڊرائنگہ روم ۽ سٽڊي روم ئِي ڪتابن سان